آتشِ ڪارِ حق

(عارفانه ڪلام)

حضرت قبله

صوفي فقير علي احمد مستؒ

سجاده نشين درگاه مست شريف

مست آباد شريف

مرتب

فقير نصير محمد مستاڻي

ڇپائيندڙ

صوفي فقير عبدالله مست [illegible]

[illegible]

Scanned with CamScanner

بسم اللہ الرحمن الرحیم

آشڪارِ حق

(عارفانه ڪلام)

حضرت قبله
صوفي فقير علي احمد مستؒ
سجاده نشين درگاهه مست شريف
مست آباد ٽنو

مرتب
فقير نصير محمد جسڪاڻي

رجسٽرڊ
پاران
صوفي فقير عبدالله مستؒ ميموريل ڪاميٽي
مست آباد ٽنو

Scanned with CamScanner

آشڪارِ حق

[عارفانہ ڪلام]

حضرت قبلہ سائين صوفي فقير علي احمد مستڻ
سجاده نشين درگاهہ مستڻ شريف
(مستڻ آباد ٺٽو)

ڇاپو: پهريون
ڇپجڻ جو سال: جنوري 2010ع
تعداد: هڪ هزار (1000)
قيمت: 250 روپيہ
ڪمپوزنگ: منظور احمد جوٽيجو (الرزا ڪمپيوٽر حيدرآباد)
لي آئوٽ: مور ساگر
ڇپائيندڙ: صوفي فقير عبدالله مستڻ ميموريل ڪاميٽي ٺٽو
ڇپيندڙ: الرزاق پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد

ملڻ جو هنڌ
الحمد بڪ ڊيپو ٺٽو

نوٽ: عارفانہ ڪلام آشڪارِ حق جا سڀ حق ۽ واسطا
حضرت قبلہ سائين صوفي فقير علي احمد مسڻ
جن وٽ محفوظ آهن.

سرپرست اعليٰ: حضرت قبلہ سائين صوفي فقير علي احمد مسڻ
درگاهہ عاليہ حضرت صوفي فقير عبدالله مسڻ رحمت الله عليہ

خاص ڪرم فرمائي: قبلہ صوفي جکرو مسڻ سائين

مرتب: فقير نصير محمد جسڪاڻي
فقير اختر حسين هاشماڻي

Scanned with CamScanner

فهرست

سلسلا نمبر	مضمون	صفحہ نمبر
1.	انتساب	11
2.	پيش لفظ	12
3.	صوفي صاف آهيان	19
4.	صوفي با صفا	37
5.	حضرت فقير عبدالله مست رح (صوفي القادري)	42
	سنڌي ڪلام	
1.	سدا سِڪ سوز جون سختيون	51
2.	تنهنجي درد فِراق ۾	52
4.	هن درد دلبر جي ڪٺي	53
5.	طلب تنهنجي سدا تن ۾	54
6.	تنهنجي برهه جي بي رنگ بات	55
7.	عجب عشق تنهنجي جا رنگ ڏٺم	56
8.	تن من طلب توحيد جي	57
9.	جي يار جا سودائي	58
10.	پرين ڪي پڪاريان	59
11.	پنهنجي پرين ڪي پريت مان	60
12.	هادي هوت حضور جي اڳيان	61
13.	محبوب جي وصلات ۾	62
14.	محبوب تو موهي دليون	63

Scanned with CamScanner

.15	تنهنجون مدّ ڀريل مخمور اکيون	64
.16	تنهنجي نور جو نظارو	65
.17	عشق اکڙين جي عجب	66
.18	ڇاٽي نہ ڪوئي درد ريءَ	67
.19	لڳو درد دل کي ڏکي دم اسان جو	68
.20	برهہ جي بازي پاڻ ٻڌائي	69
.21	وٺ ويراڳين جي واٽ	70
.22	سِر سچا تو پنهنجو صوفين	71
.23	عشق جي ٻولي هُو هُو هولي	72
.24	عشق ۾ عُقاب تي	73
.25	تنهنجي عشق عاشق	74
.26	عشقِ مولا پاڪ جو	75
.27	نظر ناپيد ڪيا پئيدا	76
.28	آهي خيال جو ڪمال	77
.29	مسيحيءَ تي مون سان	78
.30	مرد محبت ۾ مخمور رهن	79
.31	دم دم جا اسرار	80
.32	حق جي ذات جو مظهر پاڻ	81
.33	عاشق احد اکين ۾ ڇاٽي	82
.34	پيئن سوز صفا جو ساغر	83
.35	نياز نوري جو جام تو ڇاٽي	84
.36	منهنجا مارو سانگي سپاڃها	85

37.	سوين سور سِر تي	86
38.	سِڪ سانگين جي	87
39.	مون کي ڪانڌ ڪوهياري جي ڪاڻ اديون	88
40.	ور وٺي منهنجو ويا	89
41.	آهيان پيادي پنڌ ۾	90
42.	سيباڻي سِر ساهہ کي	91
43.	هيءَ نہ ڇڏجان ڇپرين ڇوري	92
44.	ڪر حيلو هن تي ويچاري جو	93
45.	دامن تنهنجي لڳڙي	94
46.	ڪري سوري سڏ سلطان	95
47.	ٻڌي تند ٿُنبيري جي تان	96
48.	ويهي وهايان راتڙيون	97
49.	راڻل سندي راهہ ۾	98
50.	علي جي حُب رکي هر دم	99
51.	ماه محرم آيو	100
52.	ڇڏي مديني ملڪ پنهنجي کي	101
53.	رنگ مٽائين تو روز زمانہ	102
54.	سدا سنيالي ڏڻ پنهنجو ڏار	103
55.	ثابت رهي سِڪ سوز ۾	104
56.	اُٿي تونهين تند تنوار	105
57.	سدا سيني سِڪايل جي	106

سرائیکی کلام

.58	ویک صورت سلطان ماھی دی	108
.59	رانجھن اپٹا کرم کمال رکین	109
.60	چوڑو جھنگ سیالیان جھیڑی	110
.61	عجب محبوبان دی ماٹی ھن	111
.62	واہ نظاری آڑ وکلائی	112
.63	ملک عدم کنون آیا ماھی	113
.64	دیدان دم دم یار	114
.65	عجب دام زلف دل ڈاری ھی	115
.66	ویکو دیدان دی دستور	116
.67	نال مُرک ماھی آ شکار کیتا	117
.68	لگی ڈوم اسم دم نام دی	118
.69	موج درد دی من تی مُدامی	119
.70	کیتا سوز برہ سرشار اسان	120
.71	عشق دی یارو آگ عجائب	121
.72	کیتا مئی مخمور	122
.73	موج مستی من خدایم	123
.74	لگی رمز سنئیان سینی آگ بلی	124
.75	شاکر تی کر یار منائین	125
.76	شاہ حسینڑ تئینون	126
.77	ھادی سُڑ تون سڈڑی	127
.78	مالک مُدامی مُحمد ؐ میر ساڈا	128

Scanned with CamScanner

.79	سانون آ مل سنئيان	129
.80	شهنشاه آوندا چڙهيا سواري	130
	پنجابي ڪلام	
.81	ڍيري دل وچ لائي	132
.82	سِر ساه سجن تؤن	133
.83	ساڏي دل دا اڪ دلدار	134
	هندي ريخته ڪلام	
.84	پيا پهنائي لال چنريا	136
.85	ورها ڪي واٽي	137
.86	جاگنا هي تو جاگو	138
	اردو ڪلام	
.87	جانانِ غم ڪوئي نهين	140
.88	شب و روز تيري وصُل ڪا ديوانا	141
.89	پُر سوُزِ پُر نم جگر چاهتي هين	142
.90	عشق ني سِر لي ليا	143
.91	پيا تم هماري جيون ڪي ڏارا	144
.92	آگاه عشق عاشق ڪامل فقير هي	145
	متفرقه ابيات	146
	سِي حرفي (سرائيڪي ابيات)	156

Scanned with CamScanner

صوفي فقير سائين علي احمد مسڻ

سجاده نشين درگاه مسڻ شريف ٽٽو

Scanned with CamScanner

صوفي فقير سائين علي احمد مسٽ   سجاده نشين درگاه مسٽ شريف ٺٽو

Scanned with CamScanner

صوفي فقير سائين علي احمد مسڻ
سجاده نشين درگاه مسڻ شريف ٺٽو



قبلہ صوفي فقير جڪرو سائين
صاحبزاده درگاه مسڻ شريف ٺٽو

Scanned with CamScanner



صوفي فقير سائين علي احمد مسڻ

سجاده نشين درگاه مسڻ شريف ٺٽو

Scanned with CamScanner

انتساب

هن ڪتاب کي درگاهہ ڏٽي مرشد قبلہ حضرت فقير عبدالله مسڻ رحمت الله عليہ (صوفي القادري) جن جي نام نامي اسم گرامي سان منسوب ڪجي ٿو.

حضرت قبلہ بابا سائين رحمت الله جن جي عشق پاڪ جو هي سارو سير آهي. سندن ڪرم فرمائي ۽ مهرباني، عشق جي عنايت سان درگاهہ مسڻ شريف تي رب پاڪ جي نام اسم جو ورد جاري ۽ ساري آهي.

دعا آهي تہ هي محبتي مئيخان تا عبد عشق جو بحر بيڪران وهائيندو رهي.

"هٽي حقيقت هٿ ڪري ڪيو ڪاپڙين ڪمال،
وحدت جي وادي ۾ ويراڳين وصال،
جانب جو جمال، علي احمد عُشاقن اثبات ڪيو."

پيش لفظ

ٻهه ٻول پيا دي ٻول سگهي، هي درد ساڏا دستور بڻيا.
آب اکيان وچون جاري ساري، محبت مُک مذڪور بڻيا.
آهه اندر دي ساهه وڍيندي، مرڻ مُشتاقان منظور بڻيا.
رت وهاوڻ تي جند گهاوڻ، علي احمد عشق واليان لئه نُور بڻيا.

حضرت قبله سائين صوفي فقير علي احمد مسڻ سجاده نشين درگاهه عاليه حضرت فقير عبدالله مسڻ رح صوفي القادري، جن جا هِن عارفانه ڪلام جي مجموعي کان اڳ ۾ ٻه عدد رسالا بنام اسرار حق ۽ ارشاد حق ڇپجي پڌرا ٿي چُڪا آهن ۽ بنده لاءِ هي ٻه هڪ وڏي سعادت آهي جو سندن ٽئين مجموعي جي ترتيب ۽ ڇپائي لاءِ اَمُر مليو ۽ بنده پنهنجي ادنيٰ ۽ احقر عقل ۽ سمجهه مطابق اَمُر جي بجا آوري ڪري رهيو آهي. قبله سائين جن جو هن مجموعي ۾ اڪثر ڪلام نئون ڇپيل آهي. جيڪو رسالا اِرشاد حق کان بعد جو آهي يا وري ڪو اڳ ۾ ڇپيل رسالن کان رهجي ويل آهي ته اُهو ٻه سهيڙي هن رسالي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

يادگار ڪميٽي درگاهہ مسڻ شريف لاءِ هي وڏو اعزاز
آهي جو مالڪن جو ٻن سالن جي وقفي سان
عرس مبارڪ دؤران ڪلام ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي.

اڪثر طور سنڌ ۾ صُوفي مسلڪ سان وابستہ درگاهن وٽان ايتري قدر جلد از جلد ڪوبہ علمي ۽ تحقيقي توڙي تعارفي مواد ڪتابي صورت ۾ نٿو پڌرو ڪيو وڃي. جيڪو ڪلام يا وري رهاڻيون، ڪچهريون ۽ انمول نصيحت ڀريا گُفتا، عارف الله جا فرمائين ٿا تہ اول ۾ انهن کي ڪير بہ قلم بند ڪرڻ وارو ئي موجود نہ هوندو آهي. اگر ڪنهن محبت واري ويهي اهي رتن امول لکيا بہ ڪٽي تہ، اُهي وري قلمي نسخا بڻجي المارين جي زينت طور رهجي ويا ۽ وراثت جا دعويدار صرف تبرڪ طور انهن کي ڏسندا رهجي ويا ۽ آخر ۾ سالن بعد زماني جي ستم ظريفي ۽ ناسمجهي جي ڪري ڪنهن جي بہ ڳتب ۾ اچي نہ سگهيا. اهڙا ڪيترائي سنڌي زبان جا شاعر ۽ صوفياڻي ڪلام جا عارف ٿي گذريا جن جو ڪلام سينہ بہ سينہ هلي ختم ٿي ويو ۽ ڇپجي محفوظ نہ ٿي سگهيو. حضرت شاهہ سائين رح پنهنجي ڪلام ۾ حق جي طالبن کي هدايت ڪندي فرمائين ٿا تہ.

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي ساٽن اور،
ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٽائن گهور،

ويا جي هنگلور، تہ ڪرمين ملندئي ڪاپڙي،
جيستائين الله وارا بزرگ، عاشق، صادق، مرد خدا

جا موجود رهن ٿا تيستائين سچو لوڪ اُنهن کان پاسيرو ۽ اڻ واقف رهي ٿو. سندن مُحبت ۽ ڪچهري جو شرف بہ ڪن نيڪ نصيبن کي ٿئي ٿو. ورنہ باقي خلق يا تہ اُنهن جي محبت کان عاري ۽ غافل رهي ٿي يا وري، فِتور، وِسوسن، شڪن ۽ شهبن ۾ درگور رهي ٿي. افسوس ڪجي اهڙي ادب تي جنهن جا معلم وڏيون دعوائون ڪن ٿا، تحقيق ۽ تنقيدي وڏا وڏا مقالا لکن ٿا، پر بذات خود ڪنهن بہ نقطي تي نہ اتفاق ڪن ٿا ۽ نہ انهيءَ کي عملي جامو پهري مثالي حيثيت وارا بڻجن ٿا.

مُلان تي مشعال، دوهان هِڪو چِت،
لوڪان ڪراون جاڻٽا، تي آپ اندهيري وچ.

مَلان جو ڪم آهي وعظ ڪرڻ ۽ نہ عمل ڪرڻ، ڏيئي جي پاڙ ۾ اونداهي هوندي آهي، حالانڪ ڏيئي مان ئي ڏيئو روشن ٿيندو آهي. جتي ڏيئو ٻرندو آهي، پتنگن جو ڪم آهي تہ اُهي اُتي پهچي پنهنجي پاڻ کي روشن ڪن ۽ پوءِ انهي ٻرڻ واري باهہ ۾ ئي سندن وصال رکيل آهي.

صوفياڻي ڪلام کي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ سمجهڻ، سڪ ۽ محبت وارن جو ڪم آهي. سواءِ حق تعاليٰ جي محبت رکندڙ جي ٻيو ڪوبہ دُنيا داري، وارو شخص انهي طرف

راغب نہ ٿيندو ۽ نہ وري سمجهڻ ۽ سکڻ جي

ڪوشش ڪندو آهي. ليڪن اها هڪ حقيقت آهي تہ هر انسان جي وجود ۾ سچائي، محبت وفا ۽ حق جي ڳالھ ٻڌڻ ۽ پرکڻ جي عنصر موجود رهندو آهي. پر زماني جي گردش ۽ طوفان سندس انهيءَ نيڪ ۽ سچي عنصر کي نفساني خواهش جي تابع ڪري ٿو ڇڏي ۽ هو هڪ زنده ۽ سچي دل رکندڙ انسان مان مرده دل ۽ انيڪ نفساني خواهشن جو غلام ۽ زرخريد ٻانهن ٻڌل بندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. الله وارن سچائي جي علمبردارن وٽ مئل دلين کي زنده ڪرڻ، سمهي پيل انسانن جي وجود کي جاڳائڻ ۽ کين راھ حق طرف آڻڻ جو پورو پورو گرءِ حڪمت موجود هجي ٿي. ڳالھ صرف ايتري آهي تہ مريض ڊاڪٽر وٽ هلي ويندو آهي ۽ نہ ڊاڪٽر مريض ڏانهن ايندو آهي. هڪ اعليٰ درجي جي ڊاڪٽر جي اها خوبي آهي تہ هو پنهنجي جاءِ تي موجود رهي ٿو

پر جيڪڏهن مريض پهچڻ ۾ دير ڪري ٿو ته پوءِ اها سندس پنهنجي سُستي ڪاهلي ۽ ائين ڪٿي چئجي ته بدنصيبي هوندي هُو پنهنجي مرض کي دفع ڪرائڻ واسطي رجوع نٿو ڪري

اهڙي طرح خداوند تعاليٰ جي هن ڪائنات ۾ اڄ به توحيد ۽ حق جا پروانه ۽ علمدار موجود آهن ۽ تا دنيا باقي، موجود رهندا. پر انهن تائين پهچڻ ڪم اسان جو آهي جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته "مون واڪا ڪرڻ وس، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو" ۽ جن کي ٻاروچل (پنهنجي رب جي ذات) مُرشد جي ٻولي اندر ۾ گهاءُ ڪري ٿي، سي وري هيئن چون ٿا.

سيباڻي سِر ساهه کي، ٻاروچي ٻولي الا.
ٻاروچي ٻولي الا. ٻاروچي ٻولي الا.

پنهل لئي پرديس ۾، جهليم اڄ جهولي الا.
جهاڳيان رڻ جبل ٿي، سائين ڪندم سولي الا.

ويهان ڪيئن واٽ تي، چڙهي ٽڪر ٽولي الا.
هاڙهو حب همت سان، لنگهي ڏيان لولي الا.

باري ذات بلوچ جي، ڏني ڏک ڏولي الا.
علي احمد آري ڄام جي، آهيان گولين جي گولي الا.

قبلہ سائين جن جي هن ڪلام جي شرح ۾ ائين لکڻ حق ٿيندو تہ جڏهن مُرشد پنهنجي طالب کي نام اسم رب جو ڏسي ٿو تہ پوءِ طالب لاءِ اهو ئي سيڪجهہ بڻجي پوي ٿو. سندس جسم ۽ وجود جو انگ انگ انهيءَ نام اسم جي ورد ۽ رچاءُ ۾ لڳي وڃي ٿو. هو پنهنجي پاڻ کي فنا ۽ اسم اعظم جي بقا جو سرچشمو بڻجي پون ٿا. ظاهر جي عبادت، پرهيزگاري ۽ الله جي پيروڪاري ڪرڻ وارن ۾ خودي ۽ خام خيالي جنم وٺي ويندي آهي. هو سماج ۾ پاڻ کي اعليٰ ۽ ٻين کي ادنيٰ ڪري ليکيندا آهن ۽ اُهو سندن تڪبر ۽ هٺ سندن موت جو سامان بڻبو آهي. پر فقيرن ۽ الله وارن ۾ اُها وڏائي ۽ خودي نہ هوندي آهي. جيئن صاحب ڪلام آخري مصرع ۾ فرمايو آهي تہ علي احمد آري ڄام جي آهيان گولين جي گولي الا آري ڄام (تمثيل حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي لاءِ آهي) جي گولين جي گولي ۽ ٻانهين جي ٻانهي آهيان) چو تہ رب

العزت جي وحدانيت جو ڪامل ۽ حقيقي درس ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڏنو ۽ سندن ڏسيل راهه تي اولياءِ ڪرام ۽ اڪابرين، عشق وارن لاءِ مشعل راهه آهي ۽ الله وارن جي تبليغ ۽ درس. رهاڻ ڪچهري، شاعري جو محور نبي پاڪ ﷺ جو عشق آهي. انهي لاءِ اهل ايمان وارن کي گهرجي ته اُهي بغير ڪنهن ذات پات، ننڍ وڏائي ۽ اعليٰ ادنيٰ جي ويڇن کي وساري الله وارن سان محبت ڪن ته جيئن

ڪين عشق جي منزل جو پتو پئجي سگهي.

انهيءَ اُميد سان هي چند الفاظ پيش ڪيا ويا آهن.

ته جيئن راهه حق جا پروانه هِن ٻريل باهه طرف راغب ٿين ۽ امرت ڌارا جي سبيل مان پنهنجو حصو حاصل ڪري سگهن.

ري رنداني منصب مليا، هُڻ ويڪو مرد يگاني،

جنهان عرش آشياني.

ڪرن پرواز تي پُرجهن پر نُون، رکن شوق شهباز شاهاني،

جنهان عرش آشياني.

مخلوق نه پاوي ملڪ تنهان دا، ڪي ڄاڻن يار ياراني،

جنهان عرش آشياني.

"علي احمد" هوش عقل ڪيا سمجهي، ڪي سمجهن پريت پرواني،

جنهان عرش آشياني.

***

صوفي صاف آهيان

هڪ صوفي باصفا پنهنجي ڪلام ۾ فرمايو آهي تہ
(شعر) قبل ماضي دم قدم دا، سير سُڃاتم سارا، مار نغارا.
(محمد فقير ڪتياڻ)

زمان ماضي، حال ۽ مستقبل جي ڄاڻ صرف عارف الله جا رکي سگهن ٿا ۽ آهي ئي رازدار حق ڪڏنهن ۽ ڪٿي بہ پڌرائي ڪري سگهن ٿا تہ حضرت آدم عليہ السلام کان اڳ ۾ ڇا هيو ۽ پوءِ ڇاٿيو جيئن هڪ مرد چيو آهي تہ.

ڪُن ڪان اڳي ڪاٿي هو سناسي جو سير،
نڪا بوءِ بهشت جي نڪي پري پير،

اِها زباني وڏاءَ جي ڳالهہ ناهي اُهي عارف با الله اُنهي منزل جو مشاهدو ڪرڻ کانپوءِ ئي فرمائي رهيا آهن هي الهامي ڪلام آهي جن جا فرمائيندڙ انهي منزل تي پهچي پوءِ فرمائي رهيا آهن.

جيئن تہ سرتاج الشعراءَ حضرت شاهہ عبداللطيف جن فرمايو آهي تہ.

نڪا ڪُن فيڪُون هئي، نڪو لڳ لحم،
ٻڌيو هو نہ بت ۾، اڃا ڪي آدم،
مون تنهان اڳي سڱ، اها ساڃاءِ سپرين.

پنهنجي محبوب حقيقي جي مشاهدي ۾ هلندي هلندي صوفي انهيءَ منزل جو سير ڪري ٿو جنهن جي پڌائڻ ۽ سمجهائڻ ڪان دُنيا جا مڙئي علم ساڪِت ۽ خاموش آهن.

قرآن مجيد جو صحيح تفسير ۽ مشاهدو به صوفياءِ ڪرام ئي ڪرڻ فرمايو آهي نه ڪي عالم فاضل ۽ علم و سائنس جا مشاهدا ڪندڙ.

حضرت شاهه سائين فرمايو آهي ته

ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاڪڙو.

يا وري فرمايو اٿس ته

صوفي تيئن ٿيا، جو ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

عشق بحر بيڪران آهي ۽ اُنهي جي لهرن جو لطف ئي ڪو نرالو آهي. حضرت عثمان فقير سانگي پنهنجي ڪافي ۾ چوي ٿو ته

يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي.

عشق دي آتش اها عُثمانا، لنگهه ڪي ويندي لامڪانا،

عرش ڪنون اها آئي هي، يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي.

پٿر ڪي سون ٿيڻ جي لاءِ هزار سال جي تپش يا باهه گهربل آهي ته پوءِ جاڻڻ گهرجي ته بندي کي خُدا جي قربت ۽ وصال، ذات ۾ ذات ٿيڻ جي لاءِ ڪيڏي نه وڏي آتش

۽ آڙاهہ جي ضرورت آهي.

حضرت شاهہ سائين فرمايو تہ

ڪٺ ڪڙهي لوهہ ٻري، ڏوڏا جت ڏڳن،
جي مُترڪن منهن ڪڍيا، تيون سانڌاٽيون سهڪن،
اُلا لوهارن، ميڙي رکيا آهن مچ تي،

ٻاريو اُجهائين، اُجهايو ٻارين،
مونکي ٿا مارين، لُونهان لوهارن جا،

اڄ پُڻ ڪنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي منهي،

جڏهن راز وارن جي رغبت ۽ پريم جي لڳن پنهنجي يار سان لڳي وڃي تہ پوءِ اُنهن لاءِ ٻي ڪنهن بہ نسبت، محبت، ڪچهري ۽ ويچار لاءِ وقت ئي نہ هوندو آهي. بس اُهي ائين ٿا فرمائين تہ

اُتي تونهين تند تنوار، ٻولي ٻاروچن جي.
ٻاروچڪي ٻولي ٻولڻ لاءِ بہ ڪمال جو عشق، سچائي ۽ درد گهربل هجي تو نہ تہ ايئن ئي ٿئي ٿو.
تڙ تڪڻ تار پڇڻ، ايءَ ڪاٽيارن ڪم.

جن کي ميهار سان محبت هوندي آهي، سي ائين هونديون آهن، جيئن شاهہ سائين فرمائين ٿا تہ

Scanned with CamScanner

ﭘاڻي ﭘني ﮬوڙ سھڻي ليڪي سير ۾،
ﭘاڻي ﭘني ھيٺ، سُھڻي ليڪي سير ۾،
ﭘيڙيو ﮬڏي بيٺ، وڃي ڪُن ڪپيندي،

جن کي الله جو عشق آهي، انھن لاءِ دنيا توڙي جھان جون سيئي رنگينيون، رسم و راوج، ريتون، ڏينھن ۽ راتيون، ھر طرح جا رشتا ميل ميلاپ، لڳ لاﮘاپا، سڱابنديون، توڙي اوچ نيچ جا سيئي طبقا، ھڪ تڇ مثل آھن ۽ اُھي سسئي وانگر سچائي جي سفيني تي چڙھي فرمائيندا آھن تہ.

ٽيئي رنگينديس رت سين، ھاڙھو ﭘﭗ ھنڱور،

جسمات جي جوڙجڪ ۽ وٺ ﭘڪڙ کان اُھي ايترا تہ بي خبر ھوندا آھن جو سبحان الله انھن عاشقن جا ڪھڙا مثال ڏجن، حضرت زمان شاھہ رح فرمايو آھي تہ.
ناھي رب عرب ۾ ڪوﺑہ فرق، مونکي عشق سيکاريو آھي سبق،
الف ۾ الله، الف ۾ آدم، الف ۾ غازي آھن غرق،
فرق تہ اصل ۾ انھن انڌين اکين وڏا آھن، جن رب رحيم ڪريم جي صفات کان مُنھن موڙيو آھي، سوره رحمٰن ۾ آھي تہ (معنيٰ) اي ءَ انسان تون منھنجي ڪھڙين ڪھڙين نعمتن کان انحراف ڪندين.

تنهن لاءِ اي بندا، توکي گھرجي تہ تون پنهنجي

قول ۽ اقرار جي پاسداري ڪرين ۽ انهيءَ ۾ ايتري تہ وفا ۽ سچائي رکين جو جيئن مالڪ پاڻ فرمائي تہ "فاذڪُروني اذڪُرڪُم"

جڏهن خداوند تعاليٰ تنهنجو ذڪر ڪري تہ اُتي بہ سمجهداري ڪان ڪم وٺڻو آهي ۽ عشق کي اڳيان ڪرڻو آهي ڇو تہ رب بي نياز آهي، اهو ڪنهن جو ذڪر ڪونہ ڪندو پر تنهنجي فنا ۽ نفي ڪيس ايتري تہ پسند پوندي جو ذات باري تعاليٰ تنهنجي هئڻ جي پردي کي هٽائي پاڻ موجود ٿي ويندو ۽ پوءِ سندس لاءِ ڪيل ذڪر سندس ذڪر ٿي پوندو ۽ بندي ۽ خدا جي وچ ۾ جيڪو هي ڪوٽ بڻيل آهي اُهو ڍهي ٿو پوي.

ايءَ غافل بنده انهيءَ رمز کي سڃاڻ ۽ انهي رندايت جي رواداري ۾ هلڻ جي ڪر، ورنہ تنهنجي هستي ۽ تنهنجو هئڻ تنهنجي شڪست تنهنجي فنا ۽ تنهنجي وجود جو موت آهي.

انهي لاءِ غفلت کي ڇڏي جاڳڻ جي ڪوشش ڪر، ڪوشش نہ بلڪ جاڳي پئو ۽ اهڙو جاڳ جو وري موهڻ جي سڌ تنهنجي اندر مان ئي نڪري وڃي.

سمهڻا ساڙو جيڏيون جيڏو ئي ٽيو.
پرين جو پاڙو مون ڪان نند نبيريو.
(شاهہ رح)

نندون ڪيئن ڪجن، هاري منڊ هوتن ريءَ،
سي ئي توسيڻ ڪيا، اوچتا پهہ جن،
نندان نياڳين ڪي، اويالا اچن.
سي پنهون ڪوه پڇن، جيڪي سنجهي رهن سمهي.
(شاهہ رح)

سمهڻ، جاڳڻ، اُٿڻ، ويهڻ، مطلب تہ تمام وجودي ڪم ڪار ارادا خيال لڳ لڳاءَ ۽ تصورات جي محلن ڪي حقيقت جي رنگ ۾ رڱڻو آهي. اهو سچائي ۽ همت، محنت ۽ محبت جي تڪميل جي سِڻاء ۾ سمايل آهي.

هاڻ اسان موضوع لاءِ منتخب ڪيل اشعار جي لفظن ڪي اڳتي وڌائيندا سين.

هي ڪلام قبلہ سائين صوفي فقير علي احمد مسڻ جي چپيل عارفانہ ڪلام اسرارِ حق جي صفحہ 153 تي آهي، جنهن ۾ پاڻ فرمايو اٿن تہ.

صوفي صاف آهيان، سخن سچ سُڻايان،
حق جي حقيقت، ٻولي ٻُڌايان.

صوفي حق گوئي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، انهن حق تان پنهنجا سر قلم ڪرايا. پنهنجو پاڻ گهاڻن ۾ پيڙايو سوري تي هسوار ٿيا ۽ چاچا نہ ناسمجهہ زماني جي ستم ظريفي ۽ نا سمجهي الله وارن جي مٿان ڪلور ڪيا ۽ سندن عشق ۽ رمزن ڪي سمجهڻ ۾ دير ڪئي ويئي بلڪ انهي ڪان اڳ ئي سندن خلاف واويلا ۽ هلچلون هلائي، مذهبي جنونيت جي ديوار تي چڙهي، عشق وارن تي حملا ڪيا ويا، ليڪن حق ڪي فنا ناهيءَ حق ڪي شڪست ناهي، الله جي اسم جو ورد بند نٿو ٿي سگهي، صاحب ڪلام بہ انهيءَ امرت ڏارا جا موتي آهن ۽ پنهنجي رهڻي ڪهڻي، سخن گوئي ۽ ڪلام ذريعي فرمائي رهيا آهن تہ اسين حق جا طالب ۽ حق جو وجود آهيون جنهن ۾ ڪوڙ ۽ ڪيني جي ڪابہ ڳالهہ ناهي ۽ حق جي حقيقت هر وقت کولي پڌايون ٿا.

برهہ واري بستي، مڪان ماڳ منهنجو
وره ورد وحدت، وجودي وسايان.

پاڻ فرمائين ٿا تہ اسين عشق جي بستي جا رهاڪو آهيون، اسانجو ماڳ مڪان، اُٿڻ ويهڻ، هلڻ چلڻ ئي عشق آهي، سواءِ حقيقي عشق جي ٻيو ڪوبہ پنڌ

نٿا پچاريون.

وحدت جو ورد، دم دم ۾ سمائي رکون ٿا. ڇو تہ جو دم غافل سو دم ڪافر جو ڪلام اسان لاءِ چيل آهي.

پلا دنياوي عشق رکندڙ انهيءَ حقيقت جي روداد ۾ سمجهداري ڪي ڪتي ٿا قبول ڪن جو انهن جي هستي واري ڪوٺ ڪي فنا ٿيڻو تو پوي الله العالمين جي جهان بي پايان جو بادشاهہ آهي. ڪنهن هڪ شاعر پنهنجي ڪلام ۾ چيو آهي

ڪيئن سڪندر بادشاهہ، ڪر اٿاهين ڪيل ڳئي،
زور ڪنهن دا ڪونہ هليا، ڪا زمانہ جيل ڳئي.

خداوند ڪريم جي زمين تي، وڏا وڏا نالي وارا بادشاهہ، سڪندر اعظم، سلطان، شهنشاهہ ٿي گذريا آهن جن جو هاڪون ۾ ڏاڪون صدين تائين مشهور رهيون، پر افسوس جو سندن ڪوڙي هستي ڪي ڪوبہ بقا نہ ملي سگهيو ۾ اڄ سندن قبرن جو نالو نشان بہ باقي نہ رهيو آهي.

صاحب ڪلام حضرت قبلہ صوفي فقير علي احمد مستؒ جن سان سال 2008/ع ۾ عمرڪوٽ طرف مسافري تي بنده ۽ فقراءُ گڏ هئي ۾ رات جو عمر ڪوٽ شهر ۾

فقير غلام اڪبر جسڪاڻي (اسسٽنٽ اليڪشن ڪمشنر عمرڪوٽ) وٽ ترسياسين سڄي رات ربي رهاڻ ۽ راڳ ويراڳ جي محفل هلندي رهي، صبح سوير سندن تياري درگاهه حضرت

صوفي صادق شاهه رحمت الله عليه تي هئي خود قبله سائين صوفي فقير نبي بخش (سجاده نشين) ۽ قبله سائين صوفي فقير علي بخش عُرف علڻ سائين وٽ پروگرام رکيل هو. جڏهن عمرڪوٽ مان نڪتاسين ٿي ته سنگت فقراءُ عرض ڪيو ته قبله عمرڪوٽ قلعو گهمي ڏسجي جو تاريخي جڳهه آهي.

پاڻ فقراءُ سان گڏ قلعي تي آيا ۽ گهميا. ويران قلعو ڏسي اُتي ئي پاڻ فقراءُ سان مخاطب ٿيا ته! ڏسو ٿا ته ڪالهه انهيءَ قلعي ۾ عمر سومرو بادشاهه هو ۽ تخت تي ويهي ٿي حڪومت هلائي، ڪيترائي حڪم نامه ڪڍيائين ڪيترن کي سزائون ته ڪن کي انعام ڏنائين ۽ مارئي کي به انهي ئي ڪوٽ ۾ بند رکيائين پر اڄ سندس ڪوبه نالو نشان باقي ناهي رهيو ۽ ايڏو وڏو ڪوٽ زبون، کنڊرات بڻيو پيو آهي. عمر سومري جي قبر جي خبر ناهي ته ڪٿي آهي.

ٻئي طرف انهي دؤر ۾ ڀيا اُن ڪان اڳ واري دؤر جي
خداوند تعاليٰ جي عاشق ۽ ٻانهن ڪي ڏسو تہ انهن جي
روضن مقبرن ۽ مرقدن تي ميلا متا پيا آهن. هي هستي
وارا ڪوٺ فنا ٿيڻا آهن. ۽ الله جو اسم ۽ سندس پروان
باقي رهڻ وارا آهن. پاڻ فقراءُ ڪي هدايت فرمايائون تہ هن
جو مثال ونو سبق پرايو ۽ دُنياداري جي خفن، ڪمن ۽
آرامن ۾ ايترا غرق
نہ ٿي وڃو جو توهان ڪان پنهنجو محبوب رب بہ وسري
وڃي، رب ڪي ياد رکو ۽ رب تعاليٰ جي ذڪر لاءِ پنهنجي
پاڻ ڪي وقف ڪري ڇڏيو ۽ نہ ئي دنياداري جي خسارن ۾
ڏينهون ڏينهن جڪڙجي وڃو.
پاڻ فرمائين ٿا تہ جنهن جو نفس اماره تمام اڻ جهل هجي
۽ ڪنهن جي بہ هدايت نصيحت قبول نہ ڪري تہ اُنهي
ڪي گُهرجي تہ هو صبح سوير يا شام وقت ويجهي
قبرستان ۾ وڃي ۽ اُتي قبرن ڪي ڏسي ۽ پوءِ پنهنجي نفس
سان ڳالهائي تہ اي نفس نادان تنهنجو بہ اڄ يا سڀاڻي
اهوئي آخري مقام آهي ڪجهہ خوف خدا رک ۽ پنهنجي
پاڻ ڪي ايڏو نہ مصروف رک جو وري واپس نہ ٿي سگهين
۽ مٿان عزاريل پهچي وڃئي.

جڏهن ائين ڪو هر روز شخص ڪندو تہ ڪيڏو بہ ڏاڍو نفس هوندس تہ بہ پاره پاره ٿي پوندو، انهي موت کي ياد ڪرڻ واري فڪر ۾ بہ انسان جي خواهشن ۽ سڌن ۾ گهٽتائي ٿي وڃي ٿي ليڪن اڄ جي سُڌريل انسان کي اهي ڳالهيون، هدايتون ۽ نصيحتون نٿيون سيبائين، پر سندس نفساني خواهشون عروج تي آهن ۽ هو اهڙي هنر ۽ ڪم جي تلاش ۾ آهي جو هو ڪلاڪن وچ ۾ وڏي ۾ وڏو ڏن پرور ٿي پوي.

الله جي عاشقن جيڪا دنيا جي تشريح ڪئي، ٿوري اُها بہ ملاحضہ ڪجي.

آدهي لعنت دُنيا اُتي، ساري دُنيا داران هُو
جنهن راهہ صاحب دي خرچ نہ ڪيتا لين غضب ديان ماران هُو
پيوان ڪولون پُتر ڪهاوي، بٹ دُنيا مڪاران هو

اهو تہ حضرت سلطان العارفين، سلطان باهو رحمة الله جن فرمايو آهي ليڪن فرمان باري تعاليٰ آهي ، اَلدّنيا جيفتن وطالب ها ڪلابن، دنيا ڍوند ۽ انهيءَ جا طالب ڪتا آهن.

الله تعاليٰ ڪان امان گهرجي جو هڪ انسان جيڪو اشرف المخلوقات ۽ الاهي اسرارن جو سرچشمو پنهنجي نفساني خواهشن جي پُٺيان ڍوند ڏانهن ڊوڙڻ وارو ڪتو بڻجي پوي.

آديسي اثبات، هر ساعت حق حق،
هو ڪو حق جو هردي، هُو سان هُلايان،

حضرت قبله سائين جن پنهنجي ڪلام ۾ فرمائين ٿا تہ عشق وارا آديسي هر دم ۾ حق ۽ حق پُڪاريندا، پچاريندا ۽ حق ٿيندا رهن ٿا. اسان بہ اُنهن جي نسبت ۾ اچي ڪري حق جو هوڪو پنهنجي وجود ۾ هُو سان هُلائي رهيا آهيون.
انهي حق جي تشريح ۽ هُو جي هوڪي لاءِ حضرت سلطان باهو رح فرمائي ٿو تہ:

اندر هُو تي باهر هُو وت باهُو ڪٿ لڀيندا هُو
جٿي هُو ڪري روشنائي، اُتي ڇوڙ انڌيرا ويندا هُو.

جڏهن اسم ذات جي اذڪار جو طوفان اُٿي ٿو تہ پوءِ عاشق پنهنجي وجود کان آجا ٿي نڪري اڳتي هلندا آهن، عاشقن جي رمزن ۾ وڏا ڪي رنگ ۽ منڊل مشاهدا آهن، خلق ويچاري پنهنجي هڪ ننڍڙي عقل جي ڪوزي ۾ بند آهي، انهن کي ڪهڙي خبر تہ جڏهن عاشق اسمِ ذات جو اذڪار ڪندا آهن تڏهن خدا جي خدائي اُنهن جو هم آواز ۽ هم خيال بڻجي پوي ٿي.

حضرت شاهہ سائين سُر سورٺ ۾ فرمائي ٿو تہ:

الله جي آس ڪري، چارڻ چوريو چنگ،
مِرون جي جهنگل جا، سي ڪن رهاڻيون رنگ،
ٻيڄل سندو ٻنگ، خاوند خالي م ڪرين.

يار لاءِ وڃايل تار جي گفتار ايتري تہ مِٺي ۽ سٻاجهڙي آهي جو سيئي شيون بيوس ۽ بي جان ٿي وڃن ٿيون.

نڪي انت اُلفت، نڪي دنگ دم جو
سندم سير سپ ۾، پسايو پسايان.

عشق وارن لاءِ ڪنهن بہ طرح سان ۽ ڪنهن بہ نموني عشق جو دنگ ناهي، اُهي پنهنجي جسم مان عشق کي اُتاري، "والله بِڪُلِ شيءُ مُحِيط" مثل ٿي پون ٿا. انهي ڪان اڳتي جو لڪاءُ هر دم ڪا بہ زبان تشريح نٿي ڪري سگهي.

علي احمد عاشق، مٿي دار ديوان،
سُوري سانگ سودو، ڏيئي سِر ملهايان.

پاڻ فرمائين ٿا تہ عشق وارا سُوري جا شائق ۽ مشتاق آهن، ۽ انهن لاءِ الله جي راهہ ۾ سِر ڏيڻ هڪ سعادت ۽ خوشي واري حقيقت آهي. انهن ڪڏهن بہ پوئتي هٽڻ وارو سبق ئي نہ ورتو آهي.

Scanned with CamScanner

ڪلام آشڪارِ حق:

قبلہ سائين صوفي فقير علي احمد مسڻ جن جي عارفانہ ڪلام متعلق لکڻ بنده جي وس جي ڳالهہ ناهي، ڇو تہ بندو هڪ ادنيٰ ناچيز ۽ ٻانهپ جي ٻولي کان وڌيڪ پاڻ کي ڪجھ بہ نٿو سمجهي سگهي ۽ نہ ئي سمجهندو. بهتر ايئن ئي آهي تہ اسان پنهنجي غلامي جي تشريح بہ سندن ئي ڪلام جو سهارو وٺي ڪريون. هتي سندن هڪ تازه ڪلام پيش ڪجي ٿو.

دامن تنهنجي لڳڙي، هيءَ نماڻي ٻوري،
ٻاجھ ڀريا ڪرم ڪجان، ناهي وسيلو توري،

مون ۾ مدايون مالڪ ليکي لکڻ کان گهڻيون،
ڪٽي سِر تي بديون بيحد، ڇڄان ڇپرين ڇني ڇوري،

پلئہ نہ پاند پاڪائي، آقا منهنجي اندر باقي،
اٿم انگ انگ عيبن ۾، آهيان ڪمتر ڪِني ڪوري،

سڳر نہ سات ڪو منهنجو، ڪچو اٿم ڪُڙم قبيلو
پهت نہ پُور پايان ٿي، بنا تنهنجي لنگهي لوري،

"علي احمد" آهين آقا، اچي رس مُوڙهي ماندي کي،
ڪري فرياد ٿي ڦتيل، لڳي اٿس جيءَ جگر جهوري،

Scanned with CamScanner

هيءَ فنا في الوّجود جي ڳالهہ آهي، سواءِ فنا جي
ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي، عشق جي پنڌ ۾ پورڻ ڪانپوءِ خبر
پوندي تہ فنا چاهي تہ بقا چاهي، عشق وارن پنهنجي هِن
روحاني سير جي هر ساعت کي ڳايو ۽ پڌرو ڪيو آهي.
صاحب ڪلام جي عارفانہ شاعري بہ هڪ تحريڪ آهي
جيڪا هڪ پياسي دل رکندڙ انسان جي رهنمائي ۽
رهبري ڪندي اڳتي وڌي هلي ٿي. سندن هتي هڪ
سرائيڪي ڪلام ڏجي ٿو جنهن ۾ عشق جي آگ جي
متعلق پڌايو ويو آهي.

عشق دي يارو آگ عجائب، ساڑيندي سِر ساهہ ميان،
ساڑيندي سِر ساهہ ميان، ڪر ڪر ڪاهو ڪاهہ ميان.

عشقؤن وحدت ڪثرت هوئي، هر جاءِ حق بالله ميان.

احد احمد احدؤن بڻيا، فَثُم وَجهُ الله ميان.

برهہ بيخود دي روپ نرالي، هووي آديسي آگاهہ ميان.

جهنگل بيلي ڪجهہ نہ بچيندا، سڀ سڙيا مَاسوِ الله ميان.

ماڳ معرفت مرد مُدامي، رهندي روح الله ميان.

”علي احمد“ برهہ بقا دا باني، قادر قُل هُو الله ميان.

عشق جي باھ جا اثرات اڳتي هلي ڇا ٿا ڪن،
اُن جي متعلق بہ ڪجھ ڇاڻ گهرجي. ملاحظي ۾ سندن
هيٺيون ڪلام پيش ڪجي ٿو. جامع شرح سمجهاڻي ۽
اظهار خيال جي پرواز تي لکڻ سان ڪافي طوالت تي
ويندي، اُنهي لاءِ مختصر طور ڪلام ئي ڏجي ٿو.

عشق مولا پاڪ جو، سِر سانگ تي چاڙهي پلي،
ڪنڌ ڪپائي ڏيون ڪلهن ڪان، درد جي دامن جهلي.

هِن رضا جي رنگ ۾، ڪي رند ٿا رڱجي رسن،
مُوتو قبلل موج ماڻي، پاڻ ويا پنهنجو پلي.

شوق شهادت جي شتابي، ڏسجي شاھ شبير جي،
مُرڪندي ميدان ماري، عاشق ازل ٿو سِر سلي.

من خُدايم مؤج جو، ڪي مير ماڻين مشاهدو،
ساري سماع جي رنگ ۾، مئيخان جو منصب ملي.

"علي احمد" ڏڳ ڏڄا سان، ڏاڪ ويا پنهنجي رکي،
سُرخرو سلطان صوفين، هاڪ تي هر جاءِ هُلي.

ڏنو ويچي تہ هن جهان ۾ وڏن وڏن بادشاهن ۽ شهنشاهن حڪمرانيون ڪيون ۽ جڏهن فنا جي ملڪ ۾ ويا تہ نہ اڄ سندن وجود آهي ۽ نہ سندن حسب نسب جو پتو پير آهي، ۽ نہ سندن متعلق سندن پوين کي خبر آهي تہ اهي سندن نسبتي آهن. ليڪن ٻئي طرف الله وارن کي ڏسو تہ صدين کان وٺي سندن درگاهون عام و خاص جي لاءِ امن ۽ جيءَ دان جو سبب بڻيل آهن. فقيرن ۽ اوليائن جي اقوال زيرين توڙي عارفانہ ڪلام تي جيتري بہ تحقيق ۽ سمجهاڻي لکي پڙهي، سٽي ۽ سمجهي ويئي، اُنهي کان بہ وڌيڪ اڃا بہ انهن جو ڪلام پنهنجي اندر راز ۽ بقا پوشيده ڪيل آهي. جنهن جيترو پنڌ ڪيو اُن اوترو منزل کي ويجهو پاتو.

اهڙي طرح صوفي علي احمد جن جو ڪلام بہ مختلف آراءِ ۽ خيال جي بهر بيڪران جون لهرون هڻندڙ ساگر آهي. پاڻ پنهنجي هڪ ڪلام ۾ چئي رهيا آهن تہ:

سدا سيني سڪايل جي، وهي تي درد جي ڏارا.
لڪين لهريون متيون مؤجون، اُتن طوفان تِک تارا.

برهہ جي باهہ پڙڪي پر، اچي آتش ٻڏي اؤسر،
مرڻ مقصود ۽ مُقدر هڻن تا نات ڏسِ نعارا.

سمنڊ ساگر جيئان سينو نشانبر نينهن نگينو
صفا ٿيو اندر آئينو عجب اثبات رنگ نيارا.

اڪين عميق پايو پنڌ. لئولحظي اندر سِر ڪنڌ.
جدا جسمات ڪان جيءَ جند. وڏي وهنوار وينجهارا.

"علي احمد" عشق اوري، پري ساغر ڏجان توري،
پياسي دِل سڄڻ توري، ڪري واڪا تي وڻجارا.

هيءَ عشق ۾ حقيقت جو بيان ۾ اظهار آهي، اُنهي جي جيتري بہ تشريح ۾ سمجهاڻي ڏجي تہ تمام توري ٿيندي الله وارن جي عقيدتمندن ۾ طالبن کي گهرجي تہ اُهي عارفن ۾ الهامي شاعرن جو شعر پڙهن ۾ سمجهن.

هيڪاندا هوت حبيب سان، سامي سدائين،
دم نہ ڌار دلبر ڪان، ويهي وجائين،
وٺيون وصُل ويراڳ جُون، وينا ورهائين،
محبت سندي مُلڪ جو، ناتو نيائين،
ايناسي ارڳ الک ۾، ڪيڏانهن سي ڪاهين،
جوڙي جوڙ جوڳ جي، پريتڙن پائين،
"علي احمد" خودي کي ڪانئين، همه حق هميشہ ٿيا.

فقير نصير محمد جسڪاڻي

12 جنوري 2010ع

درگاهہ مسڻ شريف ٺٽو.

صوفی با صفا

ہم ساقی مدمیئخان، ساغرسامان، صراحی سجانسجا بیٹھے،
کوئی آوے درد جانان، پیاسی پیمان، ہووے قربان سدا بیٹھے۔

صوفی ادراک کی اس منزل کا متلاشی، مسافر اور مہان ہے، جہاں پر پہنچنے کیلئے بڑے بڑے اکابرین علم اور ادب کے خود ساختہ مدبروں کی کبھی پہنچ نہیں رہی۔ صاحب کلام حضرت قبلہ صوفی فقیر علی احمد مسن سجادہ نشین (درگاہ مسن شریف ٹھٹھہ) وقت حاضر کے عارفانہ کلام کہنے والے اپنی ذات میں انجمن ہیں۔ جیسا کہ آپ کے کلام کے دو عدد رسالے اسرار حق اور ارشاد حق رونما ہو چکے ہیں اور یہ تیسرا مجموعہ زیر مطالعہ ہے۔ چونکہ آپ کی شاعری الہامی و عارفانہ رموز کا بہتا ہوا سمندر ہے۔ آپ کا اکثر کلام سندھی زبان اور سرائیکی زبان پر مشتمل ہے۔ آپ کا بہت کم کلام دوسری زبانوں (اردو، پنجابی اور ریختہ ہندی) میں ہے۔ ہم یہاں پر اردو کلام کے چند اشعار پر تھوڑی ورق گردانی کریں گے۔ اوپر دیا گیا مطلع آپ کے ایک اردو زبان

میں کہے ہوئے کلام کا ہے، جس میں فرمارہے ہیں کہ ہم اُس میئخانے کے ساقی ہیں، جہاں پر شرابن طہورا، اسم ذات حق کے اذکار کا درس دیا جاتا ہے۔ ہماری یہ ڈیوٹی یا ریاضت ہے کہ ہم باری تعالیٰ کی وحدانیت کا ذکر اور فہم آئے ہوئے پیاسی طالبوں تک پہنچائیں۔ اس میئخانے پر آنے کیلیئے پہلا شرط یہ ہے کہ آنے والے کے دل میں درد بھرا ہو اور درد کا متلاشی ہو، اور اس پیمانے کے پینے کا پیاسی بھی ہو، اور اپنا سر قربان کرنے کیلیئے سرگردان ہو۔ وہی طالب اس میئخانے پر ٹھہر سکتا ہے۔ ورنہ آنا جانا بیکار ہے، خداوند کامل کا ذکر بغیر دل کی لگن اور سچائی کے حاصل نہیں ہوسکتا۔ اِس درد کا علم اور درد کا محور درد والے ہی جان سکتے ہیں۔

مصرع: 1

یہ عشق کا ہے دستور، بھرے بھرپور، کرے مغمور منور مردوں کو،
رہے سدا سرمستی سرور، بنے منصور، الٰہی نور سما بیٹھے۔

عشق والوں کے دستور بھی عجیب ہیں۔ جب عشق لگ جاتا ہے تو پھر وہ نہیں چھٹتا، اور درد والے کی رگ رگ میں سما جاتا ہے، اور عشق کی اولیت اور دیوانگی عاشق کو مغمور اور نورحق سے منور کردیتی ہے۔ عشق کی سرمستی اور سرور تاحیات رہتا ہے، عشق لگتا ہے تو منصور بنادیتا ہے اور ہم اس

عشق کے نور میں ڈوبے ہوئے ہیں۔نور حق کا پرتو اجس کسی پر پڑ جاتا ہے،وہ منور بن جاتا ہے۔اس لیے اللہ کی راہ حق پر چلنے والوں کو چاہیے کہ وہ اس نور کی تلاش میں دن رات لگا کر اللہ والوں کی حضوری اور حاضری حاصل کریں تاکہ اپنا جیون سنوار سکیں۔

مصرع:2

لگا اسمِ اعظم طوفان، کٹا زنداں، ہوئے پروان آگے آسمانوں سے،
سمجھے عشق احد فرمان، فہم فرقان قلبی قرآن کما بیٹھے۔

جب کبھی کسی دردمند کو عشق لگ جاتا ہے تو اس کے قلب پر جورو داد وارد ہوتی ہے، اس کا مشاہدہ کرتے ہوئے صاحب کلام فرما رہے ہیں کہ ان پر اللہ کے اسم کا طوفان برس رہا ہے۔اور ہمارے دم دم میں سوائے ذات باری بابرکات کے باقی کچھ نہیں رہتا اور ہمارا عبدی زندان کٹ کر رہ گیا ہے، ہمارے فہم و ادراک کی اُڑان آسمانوں سے بھی آگے ذات حق تک رسائی حاصل کر چکی ہے۔اللہ العالمین کے عشق اور حقیقت کے فرمان پر کار بند رہ گئے ہیں اور قرآن حکیم کے فہم کی حقیقت ہم پر عیاں ہو چکی ہے۔پورا کلام پاک ہم اپنے قلب میں موجود اور اثبات کر چکے ہیں۔

مصرع:3

باجے طبل توحیدی تان، مٹے ارمان، ملے گُر گیان گُرو گُر سے،

باندھا سر سنگم سُلطان، ورہ وجدان، رمز رندان لگا بیٹھے۔

آپ فرما رہے ہیں کہ ہمارے وجود میں توحید کا راگ چل رہا ہے، دنیاوی اور نفس امارہ کے تمام ارمان ختم ہو چکے ہیں۔ یہ ساری منزلات اور مہربانیاں پیرو مرشد کامل کی ہیں۔ ہم نے عشق کے سُلطان سے دستار باندھی ہے اور عشق کی سرمستی ہمارے اوپر طاری ہو چکی ہے اور ہم رندوں کی رمز لگائے بیٹھے ہیں۔

مصرع:4

''علی احمد'' پریت پکار، برہ بیدار، چڑھا سردار بقائی ہم ہیں،

سردست برہن تلوار، زابر ذوالفقار، لخت پروار اُٹھا بیٹھے۔

صاحب کلام فرما رہے ہیں کہ ہم نے دعوت حقیقت و عشق پر لبیک کہا ہوا ہے، اور اللہ العالمین کے عشق نے ہمارے وجود کو بیدار کر دیا ہے، ہم روز میثاق سے جاگے ہوئے ہیں اور ہم نے اپنے وجود کو تختہ دار پر لٹکا دیا ہے، اور یہ وہ جگہ ہے جہاں فنافی اللہ اور بقاباللہ کی منزل عطا ہوتی ہے۔ ہم اب

Scanned with CamScanner

اُس بقا کی ہستی میں فنا ہو چکے ہیں جس کو کبھی فنا ہو ہی نہیں سکتی، اب ہمارے سر پر برہن تلوار کا سایہ ہے اور وہ یہ کہ وہی ذوالفقار ہے جو باطل کو نابود اور حق کو دوام دلوانے کیلئے حیدر کرارؑ کے ہاتھ میں ہوا کرتی تھی۔ ہم بھی اس تلوار سے اپنے جگر کے ٹکڑے ٹکڑے کروا کر زندہ ٔجاوید بنے ہیں، یہ ساری عشق کی مہربانی اور جاودانی ہے۔

اکثر و بیشتر صوفیاء کا کلام درست سمت میں عام نے نہیں سمجھا، اُس کی تمثیل اور شرح وغیرہ حقیقت کی لگن سے نہیں کی گئی لہٰذا کم علمی اور عملی عقل والوں نے بہتان بازیاں اور بہت سارے افسانے اللہ والوں کے ساتھ منصوب کر دیے ہوتے ہیں۔ لیکن یہاں پر یہ بھی واضح ہونا چاہیے کہ زبانی جمع خرچ سے کچھ نہیں ہوتا، جس کسی کو شبہ وشک اور آزمائش لینے کا غرور ہو تو وہ بلاشبہ، فقیروں کی مجالس میں آ سکتا ہے، بیٹھ سکتا ہے اور الٰہی عشق کی آگ سے اپنے وجود کو پاک کر سکتا ہے۔

زے زور آور زور ھن عاشق، رمدیے راہ رندانی اور ھندے لامکانی،

کُن دی کثرت کون چاہستن، سے سدا سیلانی اور ھندے لامکانی،

نقش نزاکت نور ظہورے، یادن حسن حقانی، اور ھندے لامکانی،

''علی احمد'' بقادی بستی وچ، صوفی سر سُبحانی، اور ھندے لامکانی۔

حضرت فقير عبدالله مسڻ رحمة الله عليه "صوفي القادري"

اي گت غواصن جي سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه پاتار ۾، امُل آندائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين.

"شاهه لطيف سائين"

اسان جي سڀاجهي سنڌ اصل کان وٺي، عاشق رسول، اولياءَ الله، سلطان عارفين، قلندرن، قطبن ۽ صوفي فقيرن کي جنم ڏيئي هر سمي انهي حقيقت کي نئون روپ ڏنو آهي. سنڌ جي سرزمين تي سنڌي زبان ۾ شاعرن ۾ سرتاج شاعر، صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي، جيڪو هڪ ڪامل ولي الله ۽ الهامي شاعري جو آفتاب آهي، جنهن حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي هدايتن، نصيحتن ۽ قرآن ڪريم جي ارشادن، حڪمن کي پنهنجي عارفانه ۽ اِلهامي شاعري جي ذريعي سمجهائي سنڌ جي ننڍي توڙي وڏي، امير توڙي غريب، مسلم توڙي هندو کي حقيقت کان روشناس ڪرايو آهي، حضرت شاهه عبداللطيفرح جي عارفانه، رندانه ۽ حقيقت سان ڀرپور شاعري کي پوري طرح سان سمجهڻ ۽ پروڙڻ به الله وارن عشاقن ۽ پتنگ پروانن جو ڪم آهي ۽ نه ئي سڌڙين جو جيئن پاڻ سريمن ڪلياڻ ۾ فرمائين ٿا ته:

سڌڙيا شرابن جون، ڪوه پڇارون ڪن،
جي ڪات ڪلالن ڪڍيا، تہ موٽيا پوءِ وڃن،
پڪون سي پيئن، سرجني جا سٽ ۾.

باري تعاليٰ جڏهن پنهنجي ٻانهي تي راضي ٿيندو آهي، تہ پوءِ انهي کي اها راهہ ڏسيندو آهي جنهن سان ڪيس سچائي ۽ وٽس پهچي رحمت حاصل ڪري.

حضرت فقير عبدالله مسڻ (صوفي القادري) بہ اهڙئي مهمير مرد ۽ سالڪ صوفي هو جنهن لاکيٽي لطيف جي حقيقي ٻولي کي سمجهي پروڙي اها راهہ ورتي جو اڄ سندس نالو مبارڪ اهڙن مردن ۽ ڪامل ولين ۾ شمار ٿئي ٿو جن پنهنجي پاڻ کي حقيقت جي راهہ تي آڻي حق کي سڃاتو ۽ حق کي حاصل ڪيو.

فقير سائين جواني جي دؤر ۾ سنڌ کي ڇڏي بلوچستان جي شهر لسٻيلي ۾ وڃي رهيا جتي پاڻ دنيوي ڪاروبار جي خيال سان هڪ ريزڪي دوڪان کوليائون، اتي کين سندن هڪ دوست کتڻ فقير کان لطيف رحہ سائين جو هڪ جهونو رسالو مليو جيئن تہ پاڻ سنڌ جي سرزمين تي جنم ورتو هئائون ۽ سنڌ ۾ استعمال ٿيندڙ سيني علائقائي سنڌي زبانن جي محاورن جا سنا ڄاڻو هئا ۽ رسالي ۾ بہ شاهہ سائين اهي ئي زبانون استعمال ڪيون آهن. تنهن

ڪري ڪين رسالي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ سهوليت ٿي.

پاڻ روزانه باقاعده رسالو پڙهڻ لڳا. شاهه سائين جي الهامي شاعريءَ، فقير سائين کي آهستي آهستي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ هاڻي رسالي کي ڏينهن رات پڙهڻ پرجهڻ ۽ حفظ ڪرڻ لڳا. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ڪين لطيف جي حقيقي شاعري عشق جي چڻنگ اندر ۾ لاتي ۽ پاڻ عشق جي اڙانگي پنڌ کي پرجهڻ لاءِ رسالي جي سٽ سٽ کي سيني ۾ سمائڻ شروع ڪيو ۽ الاهي عشق آهسته آهسته پڙڪو ڪاڏو ۽ پاڻ رسالو پڙهندي پڙهندي مست ٿي پيا. پاڻ فقير سائين دنيا جهان کي ڇڏي ڏکهي الفي پائي لسٻيلي شهر کان ٻاهر "ڏاڏي واري مقام" ۾ ٻن سالن جي عرصي تائين اهڙي مستي ۽ مجذوبي واري عالم ۾ رهيا جو نه ڪائڻ نه پيئڻ نه آرام ۽ سڪُون، ڪل دنيا جا در پوري حقيقي هادي جي تلاش ۾ مست ٿي پيا، ٻن سالن جي مستي واري دؤر ۾ فقير سائين رب پاڪ جا الاهي اسرار ۽ رنگ ڏٺا. ٻن سالن ڪانپوءِ لطيف سرڪار جي طرف کان ڪين هڪ لٺ ۽ چاندي جو روپيو مليو ۽ انهي ڪانپوءِ سندن خيال پڻ آهستي آهستي سالڪي طرف موٽڻ لڳو. انهي مستي واري عالم ۾ شاهه سائين جو مڪمل رسالو سندن سيني مبارڪ تي جڻ ڇپجي ويو ۽ پاڻ مڪمل رسالي جا حافظ ٿي ويا ۽ ڪين شاهه

سائين جي طرف ڪان طريقت واري رستي سان درگاهہ
جهوڪ شريف تان
فيض حاصل ڪرڻ جي پڻ بشارت ٿي ۽ پاڻ واپس
سنڌ طرف موٽي اچي درگاهہ جا طالب ٿيا ۽ اتي ٿيهن
سالن جي روحاني رياضت ۽ حاضري ڪين اهڙي تہ منزل
ڏيڪاري جو پاڻ عارف باالله ۽ ڪامل بنجي پيا.
جيئن تہ سندن عشق جي ابتدا شاهہ عبداللطيف رح
جي رسالي پڙهڻ سان ٿي هئي، انهي ڪري پاڻ هڪ
ڏينهن بہ بغير لطيف رح جي رسالي پڙهڻ جي نہ گذاريائون.
فقير سائين ظاهر ۾ دنيوي علم بہ پڙهيل نہ هئا، پر باطن ۾
ٿيل ڪرم ڪين اهڙو تہ نوازيو هو جو پاڻ رسالي جي هڪ
هڪ سٽ ڪان ۽ هر لفظ ڪان پوري طرح واقف هئا. فقير
سائين پنهنجي فقيري کي شاهہ جي رسالي ۾ ايئن تہ
لڪايو جو ڪنهن بني بشر بہ سندن عارفانہ طريقي کي نہ
سڃاتو ۽ هميشہ لطيف جو چاڻو ۽ سگهڙ ڪين تصور ڪيو
ويو. پاڻ لطيف جي ڪلام جا سچا عاشق هئا، ڪٿي بہ
لطيف سرڪار جي بيتن جي ڪچهري ٿيندي هئي ۽
ڪين دوت ڏني ويندي هئي تہ پاڻ وچي شامل ٿيندا هئا،
سگهڙن ۽ لطيف جي فقيرن سان گڏجي بيت ڏيندا هئا،
دنيا جا پڙهيل يا سگهڙ شاهہ جي ڪلام کي فقط ظاهري
معنيٰ ۾ سمجهي ۽ سمجهائي سگهيا ٿي پر فقير سائين تہ
رسالي جا حافظ هئا ۽ لطيف سرڪار جي هر بيت

جي حقيقي مقصد کان پوري طرح واقف هئا.

پاڻ جتي به ڪچهري ۾ بيت ٻڌائيندا هئا ته ٻڌندڙن تي تمام گهڻو اثر ٿيندو هو ۽ فقير سائين ڪي تمام گهڻو متاثر ٿيندا هئا. پاڻ جيڪا سمجهاڻي بيتن جي ڪري ٻڌائيندا هئا، اها سمجهاڻي وڏا سگهڙ، اديب ۽ عالم به نه ڪري سگهندا هئا. اهڙي طرح سان سندن آهستي آهستي شهرت وڌڻ لڳي ۽ پاڻ لطيف سرڪار جي بيتن تي ٿيندڙ وڏين وڏين ڪچهرين ۽ محفلن ۾ وڃڻ لڳا ۽ ڪين وڏي عزت ۽ احترام سان ميڃيو ويندو هو.

فقير سائين جن ڪچهري ۾ جڏهن ڪو به لطيف رح جو بيت ڏيندا هئا ته اهو تمام جوش، عشق ۽ سوز منجهان چوندا هئا ۽ بيت ۾ ايڏي چٽائي ۽ ڪشش هوندي هئي جو محفل ۾ ٻڌندڙ حيران رهجي ويندا هئا. پاڻ فقير سائين فرمائيندا هئا ته ابا لطيف رح سرڪار جو حڪم آهي ته سندس ڪو به بيت يا وائي پڙهو ته تمام جوش، عشق سان ڏيو جو اگر بيت چوندي دم نڪري وڃي ته به پرواهه نه ڪيو ۽ جنهن به فقير بيتن چوندي دم ڏنو ته اهو شهيد آهي، ڇو جو لطيف رح جو بيت قرآن ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير آهي، پاڻ جڏهن بيت ڏيندا هئا ته سلسليوار ٽي، ٽي، چار چار سئو بيت هڪ ئي سُر مان ئي جوش ۽ عشق وچان چئي ويندا هئا. ايئن ٻيو ڪو به سگهڙ

بيت نہ ڏيڻي سگھندو هو. پاڻ فقير سائين لطيف جو هر بيت بلڪل صحيح اُچار ۽ تلفظ جي لحاظ کان درست چوندا هئا. فقير سائين کي درگاهہ حضرت شاهہ عبداللطيف رح جي فقيرن وٽان بہ وڏي عزت ۽ محبت ملندي هئي، خاص ڪري لطيف سرڪار جي پياري ۽ رسالي جي والي حضرت تمر فقير جي گادي نشين فقير محمد لائق ۽ فقير سائين الهہ بچائي ۽ ٻين بہ وڏن فقيرن وٽان وڏي عزت ۽ محبت ملندي هين.

پاڻ فقير سائين جن لطيف سرڪار جي ڪلام کي اهڙي طرح سمجهيو جو ٻيو ڪو مشڪل سمجهي سگهي، جو جو لطيف رح جو هر هڪ بيت قرآن حڪيم جو ترجمو ۽ تفسير آهي. لطيف جي بيت کي تہ هر ڪو پڙهيل رواجي نموني پڙهي سگهي ٿو پر ان کي سمجهي صرف معرفت وارو فقير ئي سگهي ٿو جيئن لطيف سرڪار پاڻ شاهدي ڏيندي فرمائين ٿا تہ:

پڙهڻ تہ ڪڙهڻ نہ تہ پڙهڻ آهي مذاق،
سبق سُپيريان جي، مون اندر ڪئي اوطاق،
تون پردو رکج پاڪ، آءُ حرف نہ ڄاڻان هڪڙو.
(لطيف سائين)

فقير سائين رسالي جي هر سُر جي ظاهري پهلوئن کان چڱي طرح واقف هئا. لطيف جي ظاهري سرن کي سمجهڻ ۽ انهن هنڌن کي ڏسڻ جن کي لطيف ڳايو آهي پاڻ پوري سنڌ، هندستان جي ڪيترن ئي هنڌن جا سير سفر ڪري پوري حقيقت کان واقف ٿيا. فقير

سائين جون لطيفؒ جي ڪلام تي ڪيتريون ئي ڪچهريون سنڌي زبان جي ڄاڻوئن ۽ خاص ڪري لطيفؒ جي شاعري تي

کوجنا ڪندڙن وڏن وڏن اديبن، ڊاڪٽرن ۽ محققن سان ٿيون جن ۾ محترم ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا صاحب، محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، جناب ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ صاحب، جناب مرحوم ٻيڙو فقير ڪنير، جناب سيد صالح محمد شاهه ۽ لطيف جي رسالي جي پراڻي ڄاڻوئن، حافظن، فقيرن جن ۾ حاجي خميسو چانڊيو حاجي رمضان جت، فقير بصريو جت، عظيم فقير بلوچستان وارو ۽ فقير عبدالله عارف لاشاري ڪور واهه وارو ۽ ٻين به ڪيترن ئي فقيرن سان ٿيون.

فقير سائين جي ڪيل ڪچهرين جون ڪجهه يادگار ڪيسٽون اڄ به سنڌالاجي (سنڌ يونيورسٽي) ڄامشورو جي سائونڊ سيڪشن ۾ محفوظ آهن. ان کان علاوه فقير سائين پاڪستان ٽي. وي. جي ڪراچي اسٽيشن تان پيش ٿيندڙ پروگرام ۾ پڻ ڪچهريون ڏنيون.

فقير سائين جي شيدائي، ٻڌندڙن، معتقدن ۽ طالبن جو چوڻ آهي ته جڏهن به اسان فقير سائين کان ڪچهري ۾ لطيفؒ جا بيت ٻڌا ته اهي هر ڪچهري ۾ نوان ۽ سلسليوار هوندا هئا ۽ ڪڏهن به ڪچهري ۾ ٻڌايل بيت وري ٻڌايائون، ان کان علاوه فقير سائين ڪي رسالن ۾ ڇپيل

بيتن کان علاوه اڻ ڇپيل ۽ گنج رسالي جي بيتن جو تقريبن پورو مواد حفظ ٿيل هو ۽ ڪو بہ بيت پڇڻ تي پاڻ يڪدم بيت سچو ڪري ٻڌائيندا هئا ۽ لطيف جو غلط بيت ڏيندڙ کي هدايت ڪندا هئا تہ ابا لطيف سرڪار جو بيت صحيح نموني سان ۽ پورو ڏجي.

اهڙي ريت فقير سائين پنهنجي پوري حياتي لطيف جي لافاني ٻولي جي ورونهن ۾ وقف ڪئي ۽ انهي کي سمجهائي ۽ رهنمائي طور عوام جي اهڙي طبقي تائين پهچايو جو صرف لطيف جي نالي کانسواءِ باقي ڪجھ بہ نہ ڄاڻندا هئا. جيئن تہ فقير سائين درگاهہ جهوڪ شريف سان وابستہ معرفت جي صاحب حضرت نصير فقير جلالاڻي (صوفي القادري) جن جا طالب هيا ۽ منزل عارفانہ جو فيض بہ کين درگاهہ جهوڪ شريف تان مليو هئو. تنهن جي باوجود پاڻ لطيف جي ڪلام سان نينهن نيائي پنهنجي صوفيانہ منزل کي لڪائي صرف لطيف رح جي ڪلام جو ڄاڻو ۽ سگهڙ چورايو.

فقير سائين جو وصال مطابق 7 صفر 1403هہ بتاريخ 25 نومبر 1982ع تي ٿيو سندن آخري آرامگاهہ شهر ٺٽي جي وارڊ نمبر 1 ۾ واقع آهي. جتي سندس ساليانو عرس 7، 8 ۽ 9 صفر تي درگاهہ جا سجاده نشين فقير صوفي علي احمد مسڻ جن لڳرائيندا آهن.

(لطيف ڊائجسٽ 1985 ۾ ڇپيل مضمون)

تحرير:

فقير نصير محمد جسڪاڻي

Scanned with CamScanner

سنڌي ڪلام

Scanned with CamScanner

(رُوپ ڪلياڻ)

سدا سڪ سوز جون سختيون، سڪايل دل پٽي سهسائي،
مرڻ ڪان وڌ آهي مشڪل، ڪو برهه جو بار سِرچائي.

پرين لئي روز شب ريهون، ڳليءِ دل تي ڪري ڪيهون،
وصل جي وير لئي وِيهون، وِرهه واٽن تي ورنائي.

قرب قابو وڌيون ڪڙيون، زنجيرون زور جيءَ جڙيون،
وڌي وهه جون پيئي پُڙيون، زهر ڪيئن زور آزمائي.

عشق آڙنگ لايون اوتون، سڄڻ ريءَ سپ جهڪيون جوتون،
هيڪاندو هوت سوئي مُون، اچي سِر ساهه ڪي ساهي.

اوري اورڻ عجيبن سان، دروني دؤر ديدن سان،
رندي رنگ راز ريتن سان، "علي احمد" ڪو پنڌ پائي.

Scanned with CamScanner

(رُوپ مانجهہ)

تنهنجي درد فراق ۾، تي سِڪي نِت نِت نِڌر،
ويني واجهائي پاند پائي، پانڌي پُڇي پلپل اندر.

فَاذَڪُروني فهم سان، تي فنا فِڪرات ۾،
طلب جون تارون تپائي، ويهي نہ واندي ڪان وندر.

برهہ واري باهہ ۾، سِر ساهہ تي ساڙي سدا،
رت رويو ريهون ڪري، نامِ خدا ڪر ڪا مِهر.

جنهن اندر آسون گهٽيون، سا ڪيئن سمهي تِڪ تي سجڻ،
سئوز جي سوري چڙهيو، ماهي گهري من جي مندر.

”علي احمد“ تن تات ۾، پيو بول نہ بولي ٻڌي،
وِره وائي وات تنهن، ستار لائي سِر سُندر.

(روپ مانجهہ)

هن درد دلبر جي ڪٺي، مانجهي مسافر ماريا،
مانجهي مسافر ماريا، سڪ سؤز سُوري چاڙهيا.

روز شب ريهون ڪندي، تن ڏيل پنهنجا ڏاريا،
ورهہ وِرد ويراڳ ۾، وحدت وِرُونهن وري واريا.

دم نا تن دل مان پنهنجي، ويهي پرين وساريا،
فَذڪُروني فهم سان، پارس پرين پُڪاريا.

محبتي منصب مٿي، مردن مٿي سُڪ ساڙيا،
العشق ~~نارنءِ~~ نار يُحرقون، تن پختا پنڌ پچاريا.

”علي احمد“ اثبات عاشق، هر دم وصُل وٿ واريا،
جوڳي جسمونءَ جدا ٿيل، دارين دوست پڪاريا.

(رُوپ پيم پلاس)

طلب تنهنجي سدا تن ۾، ٿيان مون طالب المولىٰ،
لاڳاپا لوڪ جا ڇڏ تون، ويهي ڪر ڳجهه اندر ڳولا.

دوئي ۽ غير غفلت کي، وڃائي هل حقيقت ڏي،
دائم رک درد تون دل ۾، پڇي ڇڏ پرم جا پولا.

نڪي مسجد نڪي مندر، نڪي گرجا سندو گو پُڇ،
وِرهه جي واٽ ويراڳين، وٺان وٺ تون ڇڏي رولا.

ڇڏي سڌڙين جي صحبت کي، وڃ در دام دلبر جو
پڇي نت پاڪ ٿي پارس، شاهي ٻاري شمعا شعلا.

شريعت شوق شامل رک، طريقت جي طلب تائين،
حقيقت ۾ ٿي هڪ تون ئي، محيسي معرفت مولا.

سدا صُوفين جي صحبت مان، ٿئي تو صاف ڏس سينو
مدامي من ۾ محبت رک، رچي رنگ راس ٿئي تو لا.

"علي احمد" الاهي عشق، آهي آسڻ آڏوتين جي،
مٽائي خيال جو خرڪو واري وٽ ويس پنهنجي لا.

تنهنجي برهہ جي بيرنگ بات، لائي لنؤن لات،
ڪري وئين دلڙي چري تون.

وِرهہ وَسيام سِر سينگاري، تات طلب منجهہ غم گذاري،
تو بن سُهڻا سائين هِت مون، وينس سُور سنياري،
رڙان روئان ڏينهان رات، ڪنيس ڦهري ڪات،
ڪري وئين دلڙي چري تون.

ڄاڻي سُڃاڻي اکڙيون اڙايم، سيئي سانگا ساهہ پُلايم،
پيٽي پر ٻِي هِت هُت، مون ڪانہ ڪا پانئيم،
پُڇان پانڌِي پرين پريات، تنهنجي وائي وات،
ڪري وئين دلڙي چري تون.

ساڻ سورن جي گهڙيون گذاريان، ڏيل ڏکن ۾ ٻاريو ٻاريان،
تنهنجي اچڻ جون واٽون وٺيو هئي هئي هنجون ٿي هاريان،
سگهان سهي نہ هِڪڙي ساعت، بنا تو ذات،
ڪري وئين دلڙي چري تون.

مُنڌ مُئي تہ بہ ڏِسجان ڏوري، ساهہ سرير سنيالي سُوري،
ڪجان حوالي پنهنجي هادي، اچي عجيبا آري اوري،
”علي احمد“ ملي ملاقات، ڪجانءِ سُنگ ساٿ،
ڪري وئين دلڙي چري تون.

(رُوپ پيلو)

عجب عشق تنهنجي جا رنگ ڏنم، ڪيئي مؤج مستي ۾ ملنگ ڏنم.

عشق آديسين مليو عميق سمنڊ، هليا ناٿ نمائي نڪري نؤڪنڊ،
گهٽو سانڍي سيني ۾ سؤز اُڪنڊ، وڏي وستي آ ڏوتي اڙٻنگ ڏنم.

چڙهيا سُوري سِر سلطان سدا، ڌيا ڏڙ سِر ڏار ڪلهؤن جُدا،
هٽيا ڪين ڪُوپا ڏيئي سِر ڌيا فدا، اتي دعوي دوستي جو دنگ ڏنم.

مانجهي محبت ۾ مُقيدّ رهن، ساڙي سؤز بره ۾ ڇڏيائون تن،
مثل پروان شمع تي پتنگ سڙن، جوڳي وڏي جٺا ۾ جُنگ ڏنم.

"علي احمد" عشق حقيقت سان، رنگ رڱيا طلب طريقت سان،
مرد مُنور مدام معرفت سان، صوفي سالڪ سچي سنگ ڏنم.

Scanned with CamScanner

(روپ مال ڪوس)

تن من طلب توحيد جي، تحقيق حق حاصل حضور،
تصديق ٿي تخليق جي، ڪامل قلب مخمور نور.

اچي عشق حق الهام ڪيو، تڏهن دم تي اسم نام پيو،
ڪيئن گهر ڏٺي غلام ٿيو، ڪيو قيد ڳُن چو بي قصور.

آدم سندي احوال جو، چا خيال هو هم خيال جو،
پردو پيو ڪنهن چال جو، ٿيو بهشتون پري حور و ڪثور.

درد جي دامن جهليم، پروان سر پنهنجو ڪيم،
هيءَ حال حسيني هيم، ساڻي سڄڻ دلبر نه دُور.

رند راز جي راڻي رڱيو، صوفي سچي سُنگ سان سڱيو،
هن دل دردن مٺ هو مڱيو "علي احمد" الاهي ساقي سُرور.

(رُوپ تلنگ)

جي يار جا سودائي سي ڪوپا ڪُسڻ لئي ڪامين،
پرندي پرھ باھين ۾ راتيون ويهي وهائين.

سڪ سوز جي سمنڊ ۾ ترندا رهن ٿا طالب،
اواڳون عشق آڙھ سهجوُن سيني سمائين.

محبت مشاهدي ۾ ماريا وڃن ٿا مانجهي
مطلوب مُلھ مهانگو بي ثمر سِر سنيائين.

طالب طلب ڪي تانگهي توحيد ڪيا توانا،
تن من پنهنجو تپائي دونهان درد دُکائين.

فرهاد ٿيا فِڪر سان ڏونگر ڪٽي ڏکن جا،
منصب رکي ملڻ جو مُوروُن نہ مُنهن متائين.

"علي احمد" برھ بقا ۾ بي سِر اچن ڪي بانڪا،
لا مقصود ڏس لاهوتي پريتوُن ٿا پنڌ پُڄائين.

(رُوپ مانجهہ)

پرين ڪي پُڪاريان، هنجون هٿ مان هاريان،
سجڻ جي صُورت ڪي، ويهي ڪيئن وساريان.

وڏي تاءُ تابش سان صورت سينگاري،
ڏنا جانب جلوه مون کي منهن ڏيکاري،
سندن سونهن صورت سهجڻ سيني ساريان.

ديدن جي درشن ڪئي دل ديواني،
حُسن حق حقيقت لائي حد حيراني،
جمال نظر جي ٻانهي ٿي ٻاڪاريان.

مِثل مٿ نہ مُحبن سدا يوسف سڏجي،
اڪين جي ادا ۾ رندن راز رسجي،
ويجي حد لاحد ڪان نجيبن نهاريان.

”علي احمد“ آيو اسم ذات مولا،
وڏي ويس وصال آ اثبات مولا،
پائي جامو بشري گوندر ۾ گذاريان.

(رُوپ ڪلياڻ ڀُوپالي)

پنهنجي پرين ڪي پريت مان، سهڄوڻ سڏيان ۽ ساريان،
دوست جي ديدار لئي، هئي هئي هنجوڻ تي هاريان.

مهل مون فراق جي، گذري نہ غم ۾ هڪ گهڙي،
موت مثل ٿيو هِجر هاڃو ڀڳڻ پرين ٻاڪاريان.

دم نہ وسرن سي وري، جن جي آگ اندر مون ٻري،
سر بسر سڙندي سدا، گهڙيون گوندر ۾ گهاريان.

قالوا بليٰ واري قول ۾، آهيان ٻول سڄڻ جي ٻڌي،
سِڪ سوز جي سڪرات ڪي، وينجي وصل لئي واريان.

"علي احمد" ايندا پرين، هن ماڳ مون هيڪر هلي،
وچن تنهن وصال سان، نرتوڻ نيڻن ڪي ٺاريان.

Scanned with CamScanner

(رُوپ پيروي)

هادي هوت حضور جي اڳيان، پتنگ ٿي پاڻ پچائين ٿا
ديوانا ديدار لئي پياسا، ڪڏي تہ ڪنڌ ڪپائين ٿا.

پسي حُسن حقيقت وارو، نيڻين ننڊ وڃائين ٿا،
صورت واري سير ۾ صُوفي، ڪامل قرب ڪمائين ٿا.

مئي پي مست ساقي جي دستئون، سُوري سِر سنيائين ٿا،
نيهي ناميان ناٿ نظاري، لاسان لنؤن ڏس لائين ٿا.

وحدت جا ويراڳي واصل، وحدت ويس وٽائين ٿا،
ٻڄي قطرو قلزم ڪيفي، سارو سمنڊ سمائين ٿا.

”علي احمد“ مرد خدا جا، مانجهي ماڳ ملهائين ٿا،
ڏيئي سِر ڏاتارن وانگيان، پريتؤن پنڌ پُڄائين ٿا.

Scanned with CamScanner

(رُوپ ڪلياڻ ڀُوپالي)

محبوب جي وصلات ۾، وِهه جون وٿيون پيئٽيون پيون،
سڀ ڪجهه ڪري فاني فنا، خواريون گهٽيون ڪٽيون پيون.

خيال جي خالق ڪٽي، رنگ راز ۾ رمزائيو
سنگ بار ٿيون سڀ ساعِتون، سورن سٿون سَهٽيون پيون.

اُميد نااُميد ڪان وڌ، نينهن جي ناوڪ نظر،
هر دو عالم جون حدون، لاحد لڳي لهٽيون پيون.

طالب جگر جي گوش ۾، گُم ٿي غواصي گام ويا،
جذبي جنبش جولان ۾، جوڳين سگيون ڪٽيون پيون.

”علي احمد“ اولي اسم، لا سان لڳي ڪي لال ٿيا،
دم قدم چِت چاهه سان، محبت مٿيون پرٽيون پيون.

(رُوپ پيروي)

محبُوب ٿو موهي دليون، اکڙين سندي انوار سان،
ڳُونڌرن جا ڪنڌ ڪپيا، رِيءَ ڪات ڪان ڪٽار سان.

ديدن سندي ديوانگي ۾، ڪيئي ڪُوپيا ڪلتار سان،
مُزگن موهي مستان ڪيا، جلوي جذب جهلڪار سان.

شب وروز سجدا سِڪ منجهان، سالڪ توڙڻي سرمست ڪن،
پارسائِي ويئي پري، ٿي مُلحد بيٺا دم دار سان.

اَبرو عجب اُلفت پريا، سيفن جيئان سٽڪار ڪن،
آيا ڪُسڻ ڪاهي قلندر، قاب قُوسيني ڪار سان.

عشق عينن جي اچي، ”علي احمد“ اظهار ڪيو
ويون لڳي ارڏيون اکيون، دلبر سندي ديدار سان.

(رُوپ ملهار)

تنهنجون مڌ ڀريل مخمور اکيون، آهن نوراني ٻئي نور اکيون.

شاهہ سِڪندر ڪيئي ڪِنعاني، ماري مسافر ڪن سي فانِي،
ڏيئي تجَلا ڪن ڪوهہ طور اکيون، آهن نوراني ٻئي نور اکيون.

عشاقن جي اچي اندر ۾ سمايون، رکن جيءَ جگر ۾ سي جايون،
پيارين پيالا ڀري ڀرپور اکيون، آهن نوراني ٻئي نور اکيون.

نِت نينن جي اچي نينهن نچايو آ، ڳلي ڳلي اسان عشق کي ڳايو آ،
چڙهين ماڳ ماري ٿيون منصور اکيون، آهن نوراني ٻئي نور اکيون.

چوٽ چڙهي ڪن چارا چؤڌاري، واه اکين جي ڪا ڪاهہ قهاري،
هٽن ڏاڙا ڏاري دستور اکيون، آهن نوراني ٻئي نور اکيون.

”علي احمد“ اکين اچي ذات ڏني، سچي سئوز بره جي سوغات ڏني،
موهي مرد ٿيون ڪن مشهور اکيون، آهن نوراني ٻئي نور اکيون.

Scanned with CamScanner

(رُوپ پيروي)

تنھنجي نور جو نظارو، نروار ٿيو اکين ۾،
اِثبات عشق اڪبر، اظھار ٿيو اکين ۾.

پنھنجي پسڻ جي پياري، ڏاھپ رکي ڪا ڏاڍي،
ڏِس ڏيھ کي ڏيکاري، ڏاتار ٿيو اکين ۾.

نيڻن جي نوڪ نياري، پل نہ جيئڻ مرڻ ڏي،
ڦٿڪي فڪر ۾ ڦاٿل، بيقرار ٿيو اکين ۾.

سپ سات سِر سجاڻي، ثابت رھن ٿيون اکيون،
گُم غير کي ڪري ٿو، غم ٽار ٿيو اکين ۾.

عاشق اُڪير ۾ ڏس، راتو ڏينھان رڙن ٿا،
"علي احمد" ازل کان اڳ جو، پختو پيار ٿيو اکين ۾.

(رُوپ مانجهه)

عشق اکڙين جي عجب ڪيئي، مست مٽيادار ڪيا،
حملا ڪيا تنهنجي حسن، لرزي در وديوار ويا.

مُک مثالي ماهرو منور لڳي مزگان سان،
مدر مستي مُرڪ واري، ڏس موهجي مختيار ويا.

عشق جو آتش فِشان، ڏي آگ انگ ڪي اول،
ساڙي صفاتي روپ سڀ، هن ڪاهه ۾ ڪلتار ويا.

صِحرا سُڪل سرسبز ٿين، جت تو حسن تجلا ڪري،
طالب توانا طلب سان، مري مارجي آغيار ويا.

قاب قوسين ڪلامِي، ڪُل جڳ سمائي ٿيا جوان،
جوش جذبي ساڻ جوڳي، شاهي شغل سرشار ٿيا.

”علي احمد“ عاشق اويسي، ويس پائي وِير ٿيا،
وه واه حسن هَمذات سان، ڪنهن ديس ڏس دلدار ويا.

Scanned with CamScanner

(رُوپ مانجهہ)

احوال ڪي
هن عشق جي
جاڻي نہ ڄاڻي ڪوئي درد رِيءَ،
خيال ڪي
جي
رنگ ۾ بيرنگ وسي ٿو پسِ پرينءَ

منظور پئي
مدعا
معلوم ٿئي مذڪور سڀ، مرشد
وِصال ڪي
الله
ٿو وسي ويراڳ ۾ وَجه

ڪيو چُٽي
چاڪ سان ٿئي چاڪ هي، جڏهن چاڪ چشمن
حال ڪي
دِل
بيٺو برهہ بيابان ۾ مجنون ميجي

مستي اڳيان
منگتي مٿي مطلب ڇڏيو مُک جي مُرڪ
رکوال ڪي
پائي پرين پنهنجي اندر صورت سندي

ڪين ٿو
”علي احمد“ رِيءَ درد دل، سالڪ سچاپي
ڳالهہ ڪي
واري وِره جي وارتا، ڪو ڳولهہ لهي ان

(رُوپ پهاڙي)

لڳو درد دل کي، ڏکي دم اسان جو
سهڻ سور سختيون، سدا ڪم اسان جو.

مدعا ڪيئن پنهنجي، ڪجي پيش پرين،
مڙيئي حال محرم، ڄاڻين غم اسان جو.

حڪيمن طبيبن جو ترياق ڇاهي،
تِکا تير نيڻن جا، تيو مرهم اسان جو.

ڪري هِجر هاڃا، پلي پيو مُٺي سان،
پختو خيال تيو آ، مُحڪم اسان جو.

"علي احمد" واحد، وصل جو ويراڳي،
رهيو سڙ ۾ آ، سِر خم اسان جو.

(روپ ڪاموڏ)

برهہ جي بازي پاڻ ٻڌائي، نالي آدم آهي الله

ڪُن فيڪُون جو بن بنائي، آيو شائق شاهنشاهہ

الستي آواز پڌي ڏس، من مشاهدو عشق آگاهہ

مرد سچاڻن هر مظهر ۾، هيءَ هو ساڃيو بي پرواهہ

ويساهہ واري پائي پرولي، نظر نظاري رکجان نگاهہ

"علي احمد" عبديت اولي، بيشڪ باري ذات باالله

Scanned with CamScanner

(رُوپ جوڳ)

وٺ ويراڳين جي واٽ ميان،
هل تہ منزل ماٺين،

پائي جوڳ ٿي جوڳي جاني، نور ظهور جي آهين نشاني،
جُنبي نِهارِج جاٽ ميان.

ڪُوءَ خوشيون ۾ ڪاڏا تنهنجا، اجايا دليل ارادا تنهنجا،
لُون لُون ٻارج لاٽ ميان.

دم وڃائين درد بنا ڇو، گُهمين گينواريو برھہ بنا ڇو،
ڪر تون ڪاھَ ڪنواٽ ميان.

”علي احمد“ سِر ساھہ سنبيري، هل حبيبن جي تون ديري،
ويھہ نہ ميڄي مصلحات ميان.

Scanned with CamScanner

(روپ ڪاموڏ)

سِر سڃاتو پنهنجو صوفين، رمز رنديءَ ۾ پائي پير.

وحدت واٽ وٺي هو هليا، سورهه سڌڄن شائق شير.

پنڌ پروڙي پِر جو پارس، ڪين نہ سي ڪن تا دم جي دير.

موتو قبلل موجون ماڻي، سارو سمائين سر ۾ سير.

آهن احد اسم سان واڳيل، پُوتل پياسا مرد متير.

"علي احمد" عشق بنا هي، ساري بازي سمجهي ڪير.

(روپ پيروي)

عشق جي ٻولي هُو هُو هولي، وره وارا ورنائيندا،
رمز رضا جو پنڌ پروڙي، پير نہ پوئتي پائيندا.

دم دم ۾ سي دود دُکائي، درد کي دامن لائيندا،
فاذ ڪُروني فِڪر فنا ۾ ، پنهنجو پاڻ وڃائيندا.

سالڪ سي سرمست سدائين، سُوري سر سنپائيندا،
نيزي تي چڙهي ناٿ نشابر، هو ڪو حق جو ڳائيندا.

حسن واري هستي مستي، پُر جهي پاڻ پسائيندا،
يار يگانہ ٿي سي ياور، الف کي انگ لڳائيندا.

ڪنهن جنهن ڪات ڪُٺا هو ڪامل، ڪين سي ڪنڌ ڪيڏائيندا،
موتو قِبلل موجان ماڻي، بره جو باب پڙهائيندا.

علي احمد عاشق صادق، عينئون عين سڏائيندا،
همہ حق هدايت حاصل، هيئينن هوت هنيائيندا.

Scanned with CamScanner

(روپ پيلو)

عشق ۾ عقاب تي، رک رمز رُوحي دم بدم،
سک سمجھ پرواز جا، رنگ راز راهي ڪڻ قدم.

عشق جي افلاڪ ڏي، ڪو مرد مانجهي ٿو ڳھي،
سڪ سئوز جا صدما سهي، هُونا هتي هادي حڪم.

انوار جي اظهار جا، اسرار افلاڪون اڳي،
عدم واري اوٽ ڪي، لوڙهي لتي ڪر تون ختم.

جوڳ جوڳيئڙن جُڙي، بيٺا وحدت وهنوار ۾،
من مشاهدي مليو، وسري ويون ريتون رسم.

"علي احمد" شهباز شاهي، شان سان شمس السُخن،
سر بسر سماع جي، موجود مستي آ محڪم.

(رُوپ لوڙائو)

تنهنجي عشق عاشق سوين سوري چاڙهيا،
وڏي سير ساگر، لهرين لک لتاڙيا.

پريت جا پروانا پڇن ڪين پانڌي، نہ ڪنهن مت مصلحت ڪيا بند باندي،
وڏي سوز سڪ سان هلن ٿا هميشہ، روان راهہ رندي پٿرن پڇاڙيا.

ڳولي ڳوٺ ڳليون پائين پريت پيوند، نظر نينهن ڏاري ٻارين جيءَ ۾ جند،
ڪشالا قرب جا ڪاپڙي قبولي، رَمن راهہ تي ڏس قلب درد ڪاڙهيا.

صِفاتي سفر جو ڪري ترڪ تڪيو ٿيا ذات ذاتي مولهُيو رت رڱيو،
برهہ باب بالا بيراڳين جو برسر، هٽي دم همہ جو سڄڻ سلهاڙيا.

"علي احمد" عاشق لا جي لڪا ۾، وِره وير واصل خماريا خدا ۾،
حقيقت سان هڪ ٿيا حقاني حُسن ۾، طالب هُو مطلوب پرين پاڻ پاڙهيا.

(رُوپ تلنگ)

عشق مولا پاڪ جو سِر سانگ تي چاڙهي پلي،
ڪنڌ ڪپائي ڏيون ڪلهن ڪان، درد جي دامن جَهلي.

هن رضا جي رنگ ۾، ڪي رند تا رڳجي رسن،
مُوٽُو قِبلل موج ماڻي، پاڻ ويا پنهنجو پَلي.

شوق شهادت جي شِتابي، ڏسجي شاهہ شبير جي،
مُرڪندي ميدان ماري، عاشق ازل تو سِر سَلي.

من خدايم مؤج ۾، ڪي مير ماڻين مشاهدو
ساري سماع جي رنگ ۾، مئيخان جو منصب ملي.

"علي احمد" ڏِڱ ڏچا سان، ڏاڪ ويا پنهنجي رکِي،
سُرخرُو سُلطان صوفين، هاڪ تي هرجاءِ هُليَ.

(رُوپ ايمن ڪلياڻ)

نظر ناپيد ڪيا پيدا، نظارا نور جا دم دم،
نظارا نور جا دم دم، بِرهه پرپور جا دم دم.

وِرهه جا ويس وَرنائي، دشالا درد جا پائي،
ڪلهڻ ڪوري سِري لاهي، مغان منصور جا دم دم.

صورت جو سانگ سِر ڄاتو اکين ڳولي الک پاتو،
پاڻي پيوند ڏينهان راتو سُخن سُرور جا دم دم.

الاهي اؤج سان اوري، ڏکن جا ڏيهه سِر ڏوري،
سهٽي ساجن تان سِر گهوري، حُسن حضُور جا دم دم.

"علي احمد" ورهه واري، آياسين عشق جي آري،
پري پرواز پنڌ پاري، پٽيون پنڌ پور جا دم دم.

(روپ لوڙائو)

آهي خيال جو ڪمال، حاصل حال هُمائي،
بره بات جي سوغات، ڏني ذات الاهي.

جگر جانان جي فرمان، پريت پروان پچائي،
سوز سامان جملي جهان، ڪري قربان ڪمائي.

وحدت وير جي اُڪير سندم سرير سمائي،
محمدؐ مير پهچي پير، ڏني دلگير دلجائي.

قُرب قرار واري يار، ڏُر دربار رسائي،
ويا وهم لهي غم، سِڪ سندن ملائي.

عشق امام جو ڪلام، پڙهي پيغام خُدائي،
ملي ذات وائي وات، "علي احمد" بات بتائي.

Scanned with CamScanner

(رُوپ مانجهہ)

مسيحيٰ تي مون سان ملڻ يار آيو
دُکي دل دلاسو ڏيڻ يار آيو.

وڏي غم الم ۾ گذاريو تي هِت مون،
پنهنجي پرين کي پڪاريو تي هِت مون،
ڪاٽڻ صدمان سختيون، سچڻ يار آيو.

برهہ باهہ پڙڪي وري تن تپايو،
